SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1974

سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974

THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XV of 1973

4. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعه 6_A جي شموليت
Insertion of Section 6_A in Sindh Act XV of 1973

5. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1973

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1974
سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974
THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[18 اپريل 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 3 جي ترميم

2. سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (3) جي شق (b) ۾، لفظن "ڪلاس 1 پوسٹ" لاءِ

لفظ "گريڊ 16 ۾ پوسٽ يا ان جي برابر يا اعليٰ عهدو" متبادل ٿيندا.	Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973
(ii) ذيلي دفعہ (6) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کان اڳ، ڪاما ۽ لفظ "، جيڪڏهن ان جو معاوضو وڌايو ويو آهي." شامل ڪيا ويندا.	
3. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي شرطيہ بيان ۾، شق (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:	1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 4 جي ترميم
"(b) ڪاتي جي اختياريءَ طرفان موزونيت متعين ڪرڻ يا پي صورت ۾ ڪو ماڻهو جيڪو مقرر ڪيو وڃي يا ڪا خاص آسامي رکي، يا اعليٰ آسامين يا گريڊ ۾ ترقي ڏني وڃي، ان بابت حڪم يا فيصلو ڏنو وڃي تہ ان لاءِ ٽربيونل ۾ اپيل نہ ڪئي ويندي."	Amendment of section 4 of Sindh Act XV of 1973
4. جاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 6 کانپوءِ هيٺين ريت دفعہ 6_A شامل ڪئي ويندي:	1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 6_A جي شموليت
(حدون) "6_A. لميٽيشن ايڪٽ، 1908 (1908 جو ايڪٽ IX) جي دفعہ 5 ۽ 12 جي گنجائش هن ايڪٽ تحت اپيل تي لاڳو ٿيندي."	Insertion of section 6_A in Sindh Act XV of 1973
5. جاڻايل ايڪٽ ۾ موجود دفعہ 8 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏيڻ کانپوءِ هيٺين ريت ذيلي دفعہ (2) شامل ڪئي ويندي:	1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
"(2) خاص طور تي ۽ مٿي جاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا هيٺين معاملن لاءِ مهيا ڪندا	Amendment of section 8 of Sindh Act XV

of 1973

ٽا، يعني:

(a) ٽربيونل جي ميمبرن جو گهربل انگ، جنهن جي سامهون ٻڌڻي ٿيڻي آهي يا ٽربيونل طرفان حڪم يا فيصلو ڪيو وڃي؛ ۽

(b) ٽربيونل جي چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي جي پرتي."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.